سڪندر علي

# شاهہ لطيف جي سُر ڪلياڻ جي پهرين داستان جو اردو ۾ ٿيل ترجمن جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو

***Abstract:***

## A critical and research review of the Urdu translations of Shah Latif's first Dastan of Sur Kalyan

*This research critically and analytically examines the Urdu translations of the* First Dastan *of* Sur Kalyan *from the poetic collection of Shah Abdul Latif Bhittai, widely known as* Shah Jo Risalo. *The study primarily focuses on the translations carried out by three renowned literary figures: Sheikh Ayaz, Agha Saleem and Dr. Ayaz Hussain Qadri. Each of these translations, first two in verses and one in prose, reflects distinct stylistic and interpretative approaches based on the translators' linguistic, poetic, and cultural understanding.*

*This comparative analysis not only evaluates the linguistic and literary merits of each translation but also highlights the inherent challenges of translating Sindhi Sufi poetry, which is rich in metaphors, idioms, and cultural references, into another language.*

*Ultimately, the study concludes that while all three translators made significant contributions to the dissemination of Shah Latif's poetry in Urdu, Dr. Ayaz Hussain Qadri's prose translation offers the most accurate and accessible interpretation of the First Narrative (Dastan) of Sur Kalyan. The second one is Agha Saleem's verses translation which is better than Shaikh Ayaz's verse translation. After conducting a research and critical review of the three translations, the author/researcher has also attempted to translate, which is not necessarily completely accurate, but some progress has been made to make Shah Latif's verses more easily understood in Urdu. The paper calls for continued scholarly engagement to produce refined translations that can fully convey Shah Latif's philosophical depth, emotional resonance, and poetic beauty to non-Sindhi readers.*

**شاهہ** جي ڪلام جو مجموعو جنهن کي عام طور ’شاهہ جو رسالو‘ سڏيو ويجي ٿو، ان جو ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي. اردو ٻوليءَ ۾ پڻ شاهہ جي ڪلام جا پڻ ڪيترائي ترجما ٿي چڪا آهن، جن ۾ ڪيئي چونڊ بيتن/ڪلام جا ترجما آهن. اردو ٻولي ۾ شاهہ جي رسالي جو مڪمل ترجمو سڀ کان پهريائين نثر ۾ مخدوم امير احمد ڪيو، بلڪ ائين چئجي تہ ڪانئس ڪرايو ويو، تہ جيئن شاهہ جي رسالي جو منظوم ترجمو ڪرڻ ۾ مدد ملي، جنهن بابت، رضي الدين صديقي، شيخ اياز پاران ڪيل منظوم ترجمي ’رسالۂ شاہ عبداللطیف‘ جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو تہ: ”پھر اس امر کا اہتمام بھی ضروری تھا کہ سندھی سے اردو میں ترجمہ کرتے وقت شاہ صاحب کے کلام کا کوئی حصہ مشکوک یا مبہم نہ رہ جائے اس لیے جناب مخدوم امیر احمد صاحب، پرنسپل، اورینٹل کالج، حیدرآباد

سے، جنہیں دونوں زبانوں پر پورا عبور حاصل ہے درخواست کی گئی کہ وہ 'رسالو' کا لفظی اور لغوی ترجمہ اردو نثر میں تیار کریں۔ یہ لغوی ترجمہ شیخ ایاز صاحب کے حوالے کر دیا گیا تاکہ وہ اپنے منظوم ترجمہ کو تیار کرتے وقت اس کو پیش نظر رکھیں۔"(1)

هن نثري ترجمي کي صرف انهيءَ ڪم لاءِ استعمال ڪيو ويو، جيڪو هن وقت اڻ لڀ آهي، جيڪڏهن ان نثري ترجمي کي ڇپرايو وڃي ها ته شايد ٻين مترجمن لاءِ پڻ ڪارآمد ٿئي ها. مٿئين حوالي مان معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ نثري ترجمي کي، سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري شاعر، شيخ اياز جي حوالي ڪيو ويو، جنهن شاهه جي رسالي جو منظوم ترجمو ڪيو، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ پاران 1963ع ۾ ڇپرايو ويو. ان کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪ ۽ شاعر آغا سليم منظوم ترجمو ڪيو، جيڪو لوڪ ورثه اسلام آباد، پاران 1992ع ۾ ڇپرايو ويو. جنهن بعد پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ، ڊاڪٽر وقار احمد رضوي سان گڏجي اردو ٻوليءَ ۾ شاهه جي رسالي جو ٽن جلدن تي مشتمل نثري ترجمو ڪيو، جيڪو اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد، پاران 1993ع ۾ ڇپايو ويو.

ادب ۾ ترجمو هڪ الڳ فن جي حيثيت رکي ٿو، ڪنهن ٻه ٻولي جو ڪنهن ڌاري ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ هڪ نهايت محنت وارو ۽ مشڪل ڪم آهي، خاص طور تي جڏهن شاعريءَ جو ترجمو ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته شاعريءَ جو ترجمو ڪرڻ نهايت ئي ڏکيو ڪم آهي. شاعريءَ ۾ ڪو به شاعر پنهنجي ٻولي جون جيڪي تشبيهون، استعارا، چوڻيون، ورجيسون ۽ اصطلاح وغيره استعمال ڪري ٿو، انهن جو ڪنهن ڌاري ٻولي ۾ ترجمو ڪرڻ ڏاڍو ڪَٺن ڪم آهي. جنهن دور ۾ اُها شاعري ڪئي ويئي آهي اُن دور جي ڄاڻ هجڻ سان گڏوگڏ جنهن پسمنظر ۾ شاعر، شاعري ڪري ٿو، ان جي ڄاڻ هجڻ پڻ ضروري آهي. شاعريءَ جو ترجمو ڪرڻ نهايت پيچيدو ڪم آهي. جيئن ته ترجمو ڪرڻ وقت، هڪ ته ان جي لفظن جو ترجمو ڪرڻ ۽ وري ان سان گڏوگڏ شاعري (بيت/وائي) اندر سمايل اُن جي خيالن، احساسن ۽ نظرين جي ترجماني ڪرڻ ضروري هوندي آهي، اهڙي ريت جڏهن ان شاعريءَ کي ٻي ٻوليءَ ۾ اوتجي ٿو ته اُن ترجمي ۾ شاعر جي فڪر ۽ فلسفي کي پڻ اجاگر ڪرڻ ضروري هوندو آهي. يعني مجموعي طور تي اهو چئي سگهجي ٿو ته، شاعريءَ جو ترجمو ڪرڻ هڪ نهايت محنت طلب ڪم آهي.

ترجمي لاءِ لازمي آهي ته، ترجمو ڪندڙ کي ٻنهي ٻولين جي ڄاڻ هجي، بلڪ شاعريءَ جي ترجمي لاءِ ضروري آهي ته، مترجم کي ٻنهي ٻولين جي ڄاڻ سان گڏوگڏ ٻنهي ٻولين جي مزاج ۽ تهذيب جي پڻ بنيادي ڄاڻ هجي، جو ته، جنهن ٻولي مان ترجمو ڪيو وڃي ٿو، ان ٻوليءَ جون پنهنجون ڪي حساڪيون هونديون آهن ۽ مروج لفظن جون اصطلاحي معنائون هونديون آهن، جن کي ٻي ٻوليءَ جي لفظن ۾ بيان ڪرڻو هوندو آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته، جنهن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو وڃي ٿو، انهي ٻوليءَ جي لغت، اصطلاحن، محاورن ۽ تشبيهن وغيره جي ڀرپور ڄاڻ هجي، ته جيئن مترجم نه صرف لفظن جو ترجمو ڪري، پر شاعر جي خيالن، احساسن ۽ سندس شاعريءَ ۾ سمايل فڪر ۽ فلسفي جي پڻ ترجماني ڪري.

ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته، شاهه جي رسالي جي ترجمي وارو ڪم اسان جي ٽنهي عالمن يعني ڊاڪٽر اياز حسين قادري، شيخ اياز ۽ آغا سليم پاران پنهنجي علميت جي حساب سان هڪ تمام وڏو ڪم آهي، جنهن کي ساراهي سگهجي ٿو. شاعريءَ جي ترجمي جو ڪم هڪ نهايت ڏکيو ڪم آهي، انهيءَ ڪري هن ڏکئي ڪم ۾ ڪي مونجهارا يا ڪجهه ڪوتاهيون ضرور هوندي

آهي. مثال طور، انگريزي ٻولي جي هڪ وڏي شاعر لانگ فيلو جي هڪ نظم Psalm of Life جو 16 مترجمن (عالمن) پاران اردو ٻولي ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي ۽ هر مترجم پاران پهرين ٿيل ترجمن ۾ ڪجھ کوٽ محسوس ڪندي، نئون ترجمو ڪيو ويو آهي. جنهن بابت ڊاڪٽر حسن الدين احمد پنهنجي پي ايچ ڊي جي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو ته:

"ہنری ویڈزورتھ لانگ فیلو(1807ع–1882ع)کا شمار انگریزی زبان کے بڑے شاعروں میں کیا جاتا ہے۔اس نے جدید یورپی زبانوں کی تعلیم حاصل کی اور مختلف یورپی زبانوں کے ادبی شہ پاروں کو انگریزی میں منتقل کیا۔ اس کی تمام نظمیں انگریزی ادب کا قیمتی سرمایہ ہیں۔ Psalm of Life کا شمار انگریزی کی شاہکار نظموں میں ہے۔اس نظم میں لانگ فیلو نے زندگی اور عمل کو مرکزی حیثیت دی ہے اور عزم واستقلال سے زندگی کے معرکہ کو سر کرنے کی تعلیم دی ہے۔ جن انگریزی نظموں کے اردو میں ایک سے زیادہ ترجمے ہوئے ان میں اس نظم کو یہ امتیاز حاصل ہے کہ ردو میں اس نظم کے ترجموں کی تعداد سب سے زیادہ ہے یعنی اس نظم کے سولہ منظوم ترجمے بازیافت ہوئے ہیں۔"(2)

ڊاڪٽر احمد حسن الدين پنهنجي هن تحقيقي مقالي ۾ مٿئين نظم جي ترجمن بابت ٻڌايو آهي ته، ارشد صديقيءَ هن نظم جو سڀني مترجمن کان وڌيڪ بهتر ترجمو ڪيو آهي ۽ سڀني مترجمن طرفان ڪيل ترجمي مان مٿئين نظم جي هڪ سٽ جو ترجمو ڏيندي لکي ٿو ته:"ارشد صدیقی نے اس ترجمہ میں نہ صرف انگریزی لفظ کی جگہ موزوں اردو لفظ استعمال کرنے کا اہتمام کیا ہے بلکہ الفاظ کی شوخی اور تراکیب کی خوش آہنگی پر بھی توجہ دی۔مثلاً دوسرے بند کا پہلا مصرع ہے۔

1۔Life is real ! Life is earnest,

اس کا ترجمہ ارشد صدیقی نے یوں کیا ہے:

حیات ایک حقیقت ہے اک صداقت ہے

اب دیکھئے کہ ان ہی الفاظ کا ترجمہ ہمترجموں میں کس طرح کیا گیا ہے۔

2۔سعد حسن سعدؔ اپنے منظوم ترجمہ "نغمۂ حیات"(59:1)میں کہتے ہیں۔

ہے زیست حقیقت اک معمور تمنّا ہے

3۔جعفر عباس نے اسی نظم کا ترجمہ "رموزِ حیات"(54:1)کے عنوان سے کیا ہے کہتے ہیں۔

زندگی ہے اک حقیقت، ٹھوس درپے مستعد

4۔خلیفہ عبدالحکیم نے "پیام عمل"(55:1)میں انگریزی کے مطلب کو اُردو میں یوں منتقل کیا ہے۔

ہستی حقیقی خلقت سچی

5۔علی الدین عجزؔ بدایونی نے "زندگی"(128:2)میں یوں ترجمہ کیا ہے۔

ہے زندگی قدیم

6۔سید احمد کبیرؔ نے "سرود زندگی"(68:3)میں انگریزی الفاظ کا مفہوم یوں ادا کیا ہے۔

عالم ہستی ہے بیداری

7۔ ایک ہمترجمہ کا عنوان ہے 'زندگی کا راگ' (128:3) اس میں نامعلوم شاعر نے یوں ترجمہ کیا ہے۔

زندگی ہے واقعی اور زندگی ہے ایک چیز

8۔ 'گورِ غریباں' کی وجہ سے نظمؔ طباطبائی کو منظوم ترجموں میں نمایاں مقام حاصل ہے۔

انہوں نے 'نغمۂ زندگی' (58:4) کے عنوان سے اس نظم کا کامیاب ترجمہ کیا ہے لیکن وہ انگریزی الفاظ کے مفہوم کو پوری طرح اردو میں ادا نہ کر سکے، فرماتے ہیں۔

یہ خوب سمجھ لے کہ ہے ہستی بے شک

9۔ سید یوسف علی (یوسف یار جنگ) نے اس نظم کا ترجمہ 'ترانۂ ہستی' (34:6) کے عنوان سے کیا ہے، دیکھئے انگریزی الفاظ کا مفہوم اردو میں کس خوبی سے ادا کیا ہے۔

اصلی ہے واقعی ہے حقیقی ہے زندگی

10۔ سعید الدین خاں سعیدؔ نے اپنے ترجمہ 'زمزمۂ حیات' (221:6) میں الفاظ 'امنگوں بھری' کا اضافہ کرتے ہیں۔

حیات اک حقیقت اُمنگوں بھری

11۔ بشیر احمد طاہرؔ نے اپنے منظوم ترجمہ 'پیغامِ حیات' (12:8) میں مفہوم کو خوبی سے ظاہر کیا ہے۔ گو لفظ فریب سے مصرع میں سکتہ آ گیا ہے۔

فریب نہیں یہ اصل ہے

12۔ ظفر علی خاں اپنے منظوم ترجمہ 'سرودِ حیات' (10:8) میں اصل سے دُور جا پڑے، فرماتے ہیں۔

متاعِ واقفیت سے بھرا ہے

ہماری زندگی کا جیب و داماں

13۔ سید شاکر علی جعفریؔ کے منظوم ترجمہ کا عنوان ہے 'عظمت کا مینار' (42:9) انہوں نے الفاظ کا ترجمہ نہایت عمدہ کیا ہے۔

یہ ہستی عین حقیقت ہے

14۔ حبیب النبی خاں صولتؔ نے اپنے ترجمہ 'سرودِ حیات' (44:9) میں الفاظ Real اور Earnest کے لئے جلوۂ حق اور مزرعہ پاک کے الفاظ استعمال کئے ہیں، جو اصل سے دور ہیں۔

اک جلوۂ حق عمر ہے اک مزرعہ پاک

15۔ وحید الدین سلیمؔ نے اپنے ترجمہ 'نغمۂ زندگی' (213:4) میں یوں ترجمہ کیا ہے۔

اگلی دنیا میں یہی ہے جھلک

16۔ اندر جیت شرما نے اپنے ترجمہ زندگی کا راز (128:10) میں انگریزی الفاظ کا ترجمہ اس طرح کیا ہے۔

جس کو فنا کبھی نہیں وہ ہے حیاتِ روح" (3)

مٿي ڄاڻايل انهن ترجمن مان خبر پوي ٿي ته، اردو ٻولي جي عالمن پنهنجي پنهنجي علميت جي آڌار تي مٿئين نظم جا ترجما ڪيا آهن ۽ هر عالم پاران پنهنجي انداز ۾ اُن نظم جو اردو ٻولي ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. انهيءَ حوالي سان لڳي ٿو

تہ شاھ جي رسالي جا موجوده ترجما اچا رسالي جي ترجمن جي شروعات آهي، اڳتي هلي سنڌي ۽ اردو ٻولين جي عالمن پاران شاھ جي رسالي جا پڻ ڪيئي ترجما ڪيا ويندا، جيڪي ڪافي حد تائين تُز ترجما هوندا ۽ اُهي ترجما پڑهڻ سان اردو ٻولي ڄاڻندڙن کي شاھ لطيف جي فڪر، فلسفي ۽ بيتن جي مفهوم جي وڌيڪ پروڙ پوندي.

شيخ اياز ۽ آغا سليم پاران ڪيل شاھ جي رسالي جي منظوم ترجمن ۽ ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل منثور (نثري) ترجمي مان سُر ڪلياڻ جي پهرين داستان جي مڪمل بيتن ۽ هڪ وائيءَ جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي (مقالي نگار) پاران ڪيل اردو ترجمو پڻ هيٺ ڏجي ٿو.

اَوَلِ، اَللهُ، عَلِيمُ، اَعليٰ، عالَمَ جو ڌڻي،
قادِرُ پنهجي قُدرت سين، قائم آهِ قديم،
والي، واحِدُ، وَحدَهٗ، رازق، رَبُّ، رَحِيم،
سو ساراھ سچو ڌڻي، چَئِي حَمدُ حَڪِيم،
ڪري پاڻ ڪَرِيمُ، جوڙُون جوڙَ جهان جي.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، 'شاھ جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 1، ص: 97)

اوّل، اللہ، علیم، اعلیٰ، سب عالم کا مالک،
قادر اپنی قدرت سے، قائم ہے قدیم،
والی، واحد، وَحدہٗ، رازق، رب رحیم،
سچے مالک کی کر ثناء، کہہ کر حمد حکیم،
خود ہی کرتا ہے وہ کریم، ساری جوڑ اس جہان کی۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| تیری ہی ذات اول و آخر، تو ہی قائم ہے اور تو ہی قدیم<br>تجھ سے وابستہ ہر تمنا ہے، تیرا ہی آسرا ہے رب کریم<br>کم ہے جتنی کریں تری توصیف، تو ہی اعلیٰ ہے اور تو ہی علیم<br>والی شش جہات واحد ذات، رازقِ کائنات ربِ رحیم | اول اللہ، علیم، اعلیٰ، عالَم کا مالک،<br>وہ قادِر اپنی قدرت سے قائم ہے قدیم<br>وہ والی، واحد، وحدہٗ، رازق رب رحیم ہے۔<br>ثنا کرو اُس سچے آقا کی، پہلے حمدِ حکیم کہہ کر<br>اس معبود برحق نے اپنے لطف و کرم سے تخلیق کائنات کی | اول اللہ علیم، اعلیٰ عالم کا دھنی،<br>قادر اپنی قدرت سے، قائم اور قدیم،<br>والی، واحد، وحدہٗ، رازق رب رحیم،<br>مدحت کر اس سچے رب کی، کہہ کر حمد حکیم،<br>وہ والی وہ کریم، وہ جگ کے کام سنوارے۔ |
| ایاز شیخ، 1963ع، ص:3 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:5 | سلیم آغا، 2000ع، ص:35 |

مٿئين بيت جي ٽنهي ترجمن جو تنقيدي جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته. ٽنهي مترجمن پاران تمام گهڻي محنت ۽ لڳن سان ترجمو ڪيو ويو آهي، پر شيخ اياز ۽ آغا سليم پاران ڪيل ترجمن ۾ ڪٿي ڪٿي ٿوري کوٽ محسوس ٿئي ٿي. مثال طور شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو لفظي ترجمو نه پر بيت جي مفهوم جو ترجمو هجڻ ڪري، شاهه جي ڪلام جي روح کان ڪجهه پري نظر اچي ٿو، ۽ شاهه لطيف پاران پنهنجي ڪلام ۾ جنهن حسناڪي ۽ جمالياتي انداز ۾ بيت چيل آهن، شيخ اياز پاران ڪيل ترجمي ۾ لفظي ترجمي جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي، ۽ ائين لڳي ٿو ته ڄڻ، شيخ اياز شاهه جي بيت جو مفهوم ۽ بيت جي تشريح ڪي پنهنجي لفظن ۾ اردو ٻولي ۾ بيان ڪيو آهي!

آغا سليم پاران ڪيل مٿئين بيت جو ترجمو لفظي اعتبار سان ۽ مفهوم جي حساب سان ڪنهن حد تائين بهتر آهي، پر آخري سٽ جي ترجمي ۾ ڪجهه کوٽ آهي، مثال طور: آخري سٽ جي ٻي پد 'جوڙُون جوڙَ جهان جي.' جو ترجمو 'وہ جگ کے کام سنوارے۔' ٿيل آهي، جيڪو تُز ترجمو نه ٿو لڳي.

مٿئين بيت جي ٽنهي ترجمن جي ڀيٽ ڪرڻ سان پروڙ پوي ٿي ته. ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ پاران ڪيل نثري ترجمو ڪنهن حد تائين بهتر آهي، جنهن ڪي پڙهڻ سان شاهه لطيف جي بيت جو مفهوم سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو، شايد نثري ترجمو هجڻ ڪري ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمو وڌيڪ اثر انداز لڳي ٿو ۽ شاهه جي بيت جو مفهوم ۽ بيت ۾ بيان ڪيل فڪر ۽ فلسفو وڌيڪ بهتر واضع ٿئي ٿو.

وَحدَهٗ لا شَرِيکَ لَهٗ، جان ٿو چئين اِيَّ،
تان مڃ مُحمَّدُ ڪارَڻِي، نِرتُون منجهان نيَّه،
تان تون وڃئو ڪِيَّ، نايين سِرُ ٻئن ڪي.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 2، ص: 97)

وحدہٗ لاشریک لہ'، اگر ایسے کہتے ہو تُم،
تو مانو شافع، محمدؐ کو، اپنی رضا خوشی سے باہم،
کیسے جاکر تاہم، دیگر کے آگے سر جھکاتے ہو۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| اگر اللہ پر رکھتے ہو ایمان، رسول اللہ سے بھی لو لگاؤ، سمائے جس میں ان دونوں کا سودا، کسی در پر نہ اس سر کو جھکاؤ | تم جو وحدہُ لاشریک لہ کہتے ہو، محمدؐ کو دل کی گہرائی سے، سبب (تخلیق کائنات) سمجھو پھر کیوں جاکے دُوسروں کے آگے سر جھکاتے ہو | وحدہ، لاشریک لہ، کہہ دے جب اک بار، احمد ہیں تخلیق کا باعث، پیار سے کر اقرار، پھر کیوں غیر کے دوار، جاکر سر کو جھکائے۔ |

ایاز شیخ، 1963ع، ص:3 — قادری، جلد اول، 1993ع، ص:5 — سلیم آغا، 2000ع، ص:35

شيخ اياز پاران متئين بيت جي شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو لفظي نہ پر مفهوم جو ترجمو آهي، پر انهيءَ ۾ بہ ڪجهہ کوٽ آهي، جيئن تہ شيخ اياز پاران بيت جي پهرين ۽ ٻئي سٽ جو گڏيل ترجمو هڪ ئي سٽ ۾ ڪيو آهي ۽ ٽين سٽ جي ترجمي ۾ ڪجهہ وڌاءُ ڪري ويو آهي، مثال طور: 'سمائے جس میں ان دونوں کا سودا' مترجم پنهنجي طرفان وڌاءُ ڪيو آهي، انهيءَ سٽ جي آخري پد جو ترجمو پڻ درست ٿيل نہ آهي، جيئن تہ شاهہ لطيف جي بيت جي سٽ ' تان تون وڃئو ڪِيَّ، نايين سِرُ ٻئن ڪي.' ۾ بيان ڪيل آهي تہ، ان ڪان پوءِ تون وڃي ٻين جي آڏو ڪيئن ٿو پنهنجو سر جهڪائين! جڏهن تہ ترجمي ۾ شيخ اياز پاران لکيل آهي: 'کسی در پر نہ اس سر کو جھکاؤ'!

آغا سليم پاران ڪيل ترجمو بہ ڪنهن حد تائين بهتر آهي، پر بيت جي پهرين سٽ جي ٻئي پد 'جان ٿو چئين اِيَّ،' جو ترجمو آغا سليم پاران هن ريت ڪيل آهي: 'کہہ دے جب اکبار'. آغا سليم پاران متئين ترجمي ۾ صرف قافيئي جي پورائي لاءِ لفظ: 'اکبار' ۽ 'دوار' استعمال ڪيل آهن، جڏهن تہ بيت ۾ اهڙا لفظ استعمال ٿي ٿيل نہ آهن، جن جي ترجمي لاءِ انهن لفظن جو استعمال ڪيو وڃي. بيت جي ٻي سٽ جي ترجمي ۾ پڻ ڪجهہ جهول آهي. ان سٽ ۾ استعمال ٿيل لفظ 'ڪارڻي' جي معني آغا سليم پاران، 'تخلیق کا باعث، ٿيل آهي، جيڪا پڻ درست آهي، ۽ متئين بيت ۾ ڪنهن حد تائين ٺهڪي پڻ اچي ٿي، پر ان لفظ 'ڪارڻي' جي جيڪڏهن معنيٰ شفاعت جو ڪارڻ ورتي وڃي تہ وڌيڪ بهتر رهندو، بلڪ هن بيت ڪان پوءِ آيل ٻن بيتن ۾ اِها معنيٰ ٺهڪي بيهندي.

ڊاڪٽر گربخشاڻي، شاهہ جي رسالي ۾ انهيءَ لفظ جي معنيٰ هن ريت لکي آهي: "ڪارڻي. (سن. ڪارَڻِڪَ) جو ڪنهن ڳالهہ جو ڪارڻ يا سبب بنجي. حضرت محمدؐ کي 'ڪارڻي' انهي ڪري ڪوٺيو وڃي ٿو، جو: 1.ٻاٽئي دنيا جي پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ هو، جئن حديث ۾ چاٽايل آهي تہ 'لو لاڪ لما خلقت الافلاڪ' يعني 'اي محمدؐ جيڪڏهين تون نہ هجين ها تہ ڪڏهين نہ خلقيان ها هي آسمان'.2.حضرت محمدؐ قيامت جي ڏينهن گنهگارن جي شفاعت جو ڪارڻ ٿيندو. 3.حضرت محمدؐ خدا جي سچي وحدانيت ڦهلائڻ جو ڪارڻ هو. 'ڪارڻي' لفظ جون ٻيون بہ معنائون آهن: گماشتو، عام مختيار، وسيلو، بچائيندڙ، شفيع وغيره، ڏسو سر سهڻي 9، 12. 'وڃا ڪنءَ وران؟ ڪنڌي مهجو ڪارڻي.'"(4)

ڪارڻي لفظ جي معنيٰ سنڌي لغت ۾ هن ريت ڏنل آهي:"ڪارِڻِي جمع ڪارِڻِي ذ. صفت. فاعل، ڪرڻ وارو، ڪندڙ (ڪم). نائب، گماشتو، ڀلاوٽو. سنڀاليندڙ، مددگار، حامي، سرپرست. پرجهلو. والي وارث. وسيلو، ذريعو. ڪارساز. شفاعت ڪندڙ، شافع."(5)

ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل نثري ترجمي ۾ پڻ ڪارڻي لفظ جو ترجمو 'سبب (تخلیق کائنات)' ڄاڻايل آهي.

متئين بيت جي ترجمي ۾ اگر 'ڪارڻي' لفظ جي معنيٰ 'وسيلو، ذريعو، شافع' ورتي وڃي تہ انهيءَ بيت ۽ خاص طور تي ان ڪان پوءِ آيل ٻن بيتن جو مفهوم ڪجهہ بهتر واضع ٿيندو، چوتہ، پاڻ سڳورنؐ جي گذاريل زندگيءَ جي پيروي ڪرڻ سان ئي شفاعت ملي ٿي، يعني حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ئي شفاعت جو ڪارڻ/ وسيلو/ ذريعو آهن، جن جي پيروي ڪرڻ ۾ ئي ڇوٽڪارو آهي، وڌيڪ وضاحت لاءِ مقالي نگار پاران انهيءَ معنيٰ سان بيت جو ترجمو متي ڏنل آهي.

وَحدَہٗ لا شَرِيکَ لَہٗ، جڏھ چيو جَنِ،
تن مڃيو مُحمَّدُ ڪارڻي، ھيجا ساڻُ ھِيَنِ،
تڏھ منجھان تَنِ، اَوَتڙِ ڪو نہ اولئو.

(گربخشاڻي، ھوتچند مولچند. (2012ع).'شاھ جو رسالو'. سُر ڪلياڻ. داستان 1. بيت 3. ص: 97)

وحدہٗ لاشریک لہ ٗ، جنہوں نے کہا جب،
مانا شافع، محمدؐ کو، انہوں نے قرب و قلب،
انہیں میں سے تب، کوئی گمراہ نہ ہوا۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| جنہوں نے دل سے اس یکتا کو مانا، محمدؐ کو بصد اخلاص جانا،<br>نہ ان کو کوئی گمراہی کا خطرہ، نہ ان سے دور ہے ان کا ٹھکانہ۔ | جس نے وحدہٗ لاشریک لہ کہا،<br>انہوں نے دل کی گہرائی سے محمدؐ کو تخلیقِ کائنات کا سبب تسلیم کیا<br>پھر وہ صحیح راستے سے بھٹک نہیں گئے | وحدہٗ لاشریک لہ، کہا جنہوں نے یار،<br>محمد ہیں تخلیق کا باعث، دل سے تھا اقرار،<br>پہنچے وہ سب پار، کبھی بھی مشکل گھاٹ نہ آیا۔ |

ایاز شیخ، 1963ع، ص:3 — قادری، جلد اول، 1993ع، ص:5 — سلیم آغا، 2000ع، ص:36

شيخ اياز پاران مٿئين بيت جو ڪيل ترجمو، لفظي ترجمي جي حوالي سان درست ٿيل نہ آھي، جڏھن تہ بيت جي مفھوم جي نشاندھي ڪرڻ ۾ بہ پورو نہ ٿو لھي، وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ سٽ وار ترجمو ڏنل آھي. آغا سليم پاران ڪيل ترجمي ۾ پڻ ڪجھ ڪوٺ آھي. بيت جي ٻي سٽ جي ترجمي لاءِ ھن بيت کان اڳ ڏنل بيت (بيت نمبر-2) جي جائزي ۾ وضاحت سان ذڪر ڪيل آھي. بيت جي ٽين سٽ جي پھرين پد 'تڏھ منجھان تَنِ،' جو ترجمو ' پہنچے وہ سب پار،' ٿيل آھي، جيڪو درست نہ آھي. اھڙي ريت ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل نثري ترجمي ۾ پڻ ڪجھ ڪوٺ آھي. بيت جي پھرين سٽ ۾ جمع جي صيغي ۾ 'جِنِ' لفظ استعمال ٿيل آھي، جنھن جو ترجمو 'جس' ٿيل آھي، جيڪو درست ڪيل نہ آھي، جڏھن تہ ٻئي سٽ ۾ جمع جو صيغو استعمال ٿيل آھي، جيڪو درست آھي. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿئين چارٽ ۾ ترجما ڏنل آھن.

وَحدَہٗ لا شَرِيکَ لَہٗ، جن اُتو سين اِيمانَ،
تن مڃيو مُحمَّدُ ڪارڻي، قَلبَ ساڻ لِسانَ،
اُوءِ فائِقَ ۾ فَرمانَ، اَوَتڙِ ڪه نہ اولئا.

(گربخشاڻي، ھوتچند مولچند. (2012ع).'شاھ جو رسالو'. سُر ڪلياڻ. داستان 1. بيت 4. ص: 97)

وحدہٗ لاشریک لہ ٗ، جنہوں نہ کہا بصد ایمان،
مانا شافع، محمدؐ کو، اپنی دل و زبان،

فائق میں فرمان، وہ گمراہ نہ ہوئے کبھی۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| آغا سليم پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| وحدہٗ لاشریک لہ، کہیں اور ہو ایمان،<br>محمدؐ ہیں تخلیق کا باعث، مانے قلب و زبان،<br>فائق میں فرمان، کبھی نہ مشکل گھاٹ گئے وہ۔ | جنھوں نے ایمان کے ساتھ وحدہ لاشریک لہ کہا،<br>دل اور زبان سے محمدؐ کو تخلیق کائنات کا سبب سمجھا<br>احکامِ خداوندی کی پیروی میں، خود کو ممتاز کیا<br>پھر وہ صحیح راستے سے بھٹک نہیں گئے۔ | کامل ایمان کے ساتھ جس نے بھی، دل سے مانا<br>زبان سے مانا،<br>جس کی خاطر بنی ہے یہ دنیا، اس محمدؐ کا مرتبہ جانا،<br>فوقیت اس کو دوسروں پہ ملی، اپنی ہستی کو اس نے پہچانا،<br>جس نے اس قادرِ حقیقی کو، وحدہٗ لاشرک گردانا۔ |

سلیم آغا، 2000ع، ص:36 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:6 | ایاز شیخ، 1963ع، ص:3

شيخ اياز پاران مٿئين بيت جو ڪيل ترجمو، لفظي ترجمي جي حوالي سان درست ٿيل نہ آهي، جڏهن تہ بيت جي مفهوم کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن ڪري ٽن سٽن واري بيت جو ترجمو ڇئن سٽن ۾ ڪيو ويو آهي! مٿئين بيت جي ترجمي ۾ شيخ اياز پاران لفظ ’ڪارڻي‘ جو ترجمو ڏنو ويو آهي، جيڪو مٿئين بنهي بيتن (بيت نمبر-2 ۽ 3) ۾ ڏنل نہ هو. انهيءَ لفظ جي معنيٰ جي حوالي سان بيت نمبر-2 جي جائزي ۾ تفصيل سان بيان ٿيل آهي. آغا سليم ۽ ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ پاران ڪيل ترجما ڪافي بهتر آهن. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ترجما ڏنل آهن.

اَوَتَرَ ڪِهه نہ اولئا، سُتَرِ وٺا سالِمَ،
هيڪائِي هيڪُ ٿيا، اَحَدَ سين عالِمَ،
بي بها بالِمَ، آگي ڪيا اڳهِم.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 5، ص: 97)

کسی مشکل گھاٹ نہ بھٹکے، آسان گھاٹ گئے سالم،
یکتائی سے ایک ہوئے، احد کے ساتھ عالم،
انمول کیے بالم، اس آقا نے پہلے ہی سے۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| آغا سليم پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| راہ میں مشکل گھاٹ نہ آیا، ناؤ رہی سالم،<br>ایک سے مل کر ایک ہوئے ہیں، ایسے سارے عالم،<br>بنے وہ رب کے بالم، سائیں! روزِ ازل سے۔ | وہ بھٹک نہیں گئے صحیح راہ پر سالم رہے<br>معرفت والے ذاتِ احد میں مل گئے۔<br>خدا نے ازل سے اُن کو رتبۂ بلند بخشا | ہیں ازل ہی سے بے نیازِ الم، رازدارانِ جلوۂ معبود،<br>گمرہی دور ہی رہی ان سے، مل گئی ان کو منزلِ مقصود،<br>واقفِ وحدتِ احد ہو کر، ہو گئے ایک شاہد و مشہود۔ |

سلیم آغا، 2000ع، ص:36 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:6 | ایاز شیخ، 1963ع، ص:3

شيخ اياز پاران مٿئين بيت جو ڪيل ترجمو، لفظي ترجمي جي حوالي سان درست ٺيل نہ آهي، جڏهن تہ بيت جي مفهوم کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، پنهنجي طرفان لفظ ٽُنبيا ويا آهن! آغا سليم پاران ڪيل ترجمي ۾ لفظي ترجمي جي ڪجھ کوٽ آهي، پر بيت جو مفهوم اجاگر ٿيئي ٿو. ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ پاران ڪيل ترجمو ڪنهن حد تائين بهتر آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ترجما ڏنل آهن، جن ۾ مونجهاري وارن لفظن جي هيٺان ليڪ ڏنل آهي.

آگي ڪِئا اکِيھم، نسورو ئِي نُورُ،
لا خوفٌ عَلَيهِمَ وَلا هُمَ يَحۡزَنُونَ، سچن ڪونہ سُور،
مولي ڪئو مَعمُور، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)،'شاھ جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 6، ص: 97)

رب نے کیا ازل سے ہی، سراپا نور جنہیں،
لَاخوف عَلَیہِم وَلَا ھُم یحزنُون، جو ہیں سچ والے نہیں تکلیف انہیں،
اُن کو کیا مزین، مولا نے روز ازل سے،

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| پرتوِ حسنِ دوست ہے جن پر، اُن کے دل روشنی سے ہیں معمور، اپنی دنیا الگ بسائی ہے، خوف ورنج و غم والم سے دور۔ | خدا نے اُن کو ازل سے رُتبۂ بلند بخشا، جو نور (کامل ہیں) لَاخوف عَلَیہِم وَلَا ھُم یحزنُون۔ جو حق پر ہیں، اُن کو کوئی ڈر اور خوف نہیں۔ ان کا رشتہ ازل سے ہی اپنے رب سے تھا۔ خدا نے ان کو اچھائیوں سے معمور کر دیا۔ | رب نے ان کو روزِ ازل سے، کیا سراپا نور، لاخوف عليهم ولا هم يحزنون، کبھی نہیں رنجور، عشق سے ہیں معمور، وہ تو روزِ ازل سے۔ |

ایاز شیخ، 1963ع، ص:4 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:6 | سلیم آغا، 2000ع، ص:36

شيخ اياز پاران مٿئين بيت جي ڪيل ترجمي ۾ کوٽ آهي، جڏهن تہ بيت جي مفهوم کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پڻ ڪامياب نظر نہ ٿو اچي! ائين چئي سگھجي ٿو تہ شيخ اياز پاران مٿئين بيت جو ترجمو درست ٺيل نہ آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ ترجمي ۾ مونجهاري وارن لفظن هيٺان ليڪون ڏنل آهن. آغا سليم ۽ ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ پاران ڪيل ترجمن ۾ پڻ ٿوري کوٽ محسوس ٿيئي ٿي. مثال طور: بيت جي ٽين سٽ جي ترجمي ۾ ٻنهي مترجمن پاران ٿورو واڌارو ڪيو ويو آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ترجما ڏنل آهن.

وَحۡدَہٗ جي وِڌئا، اِلا الله سين اورِين،
هِيون حقيقت گڏئو، طريقت تورِين،

معرفت جي ماٽ سين، ڏيساندرُ ڏورين،
سُک نه سُتا ڪڏهن، ويهي نه ووڙين،
ڪُلَنئُون ڪورِين، عاشق عَبّداللَطِيفُ چي.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)،’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 7، ص: 98)

وحدت نے جن کو کیا بسمل، اِلااللہ ہے ان کا ذکرانا،
دل حقیقت سے جوڑ کر، تولیں طریقت کو توانا،
خاموشی کی معرفت سے، غیب کو انہوں نے جانا،
سوئے نہیں سُکھ سے کبھی، باعث فرحت نہیں گردانا،
کہے عبداللطیف! سر تن سے کاٹنا، ہے کام عاشقوں کا،

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| قتیل ذکرِ الا اللہ ہیں وہ، ہوئے جو واقفِ اسرار وحدت<br>حقیقت آشنا ہے روح اُن کی، بذات خود ہیں وہ خضرِ طریقت<br>سکوتِ معرفت اُن کے لبوں پر، نگاہوں میں مسافت ہی مسافت<br>ہمیشہ بے نیازِ عیش و عشرت، ’لطیف‘ اِن عاشقوں پر حق کی رحمت | جو وحدۃ میں اپنی ہستی گم کر دیتے ہیں اور الا اللہ کا ورد کرتے ہیں<br>اپنا من حقیقت میں جذب کر کے، طریقت کو سمجھتے ہیں۔<br>معرفت کی منزل میں خاموش رہ کر دُوسری وادیوں میں سرگرداں رہتے ہیں،<br>کبھی آرام کے ساتھ نہیں سوتے، نہ اللہ کی یاد سے غافل ہو کر سوتے ہیں اور نہ غافل ہو کر بیٹھتے ہیں۔<br>عبداللطیف کہتا ہے جو اللہ کے عاشق ہیں وہ اپنا سر دے دیتے ہیں۔ | وہ جو قتیلِ وحدت ہیں اور، لب پر اِلا اللہ،<br>جن کو ہے عرفانِ حقیقت، جن کی طریقت راہ،<br>معرفت کی مُہر ہے لب پر، ڈھونڈے دور نگاہ،<br>سُکھ سے پل بھی آنکھ نہ جھپکیں، من میں درد اتھاہ،<br>ان کی عجب ہے چاہ، وہ کاٹیں سر کندھوں سے۔ |
| ایاز شیخ، 1963ع، ص:4 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:6-7 | سلیم آغا، 2000ع، ص:36-37 |

مٿئين بيت جي ڪيل ٽنهي ترجمن ۾ ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمو ڪجھ بهتر آهي. شيخ اياز ۽ آغا سليم پاران ڪيل ترجمن ۾ لفظي ترجمي ۾ ڪجھ کوٽ آهي. آغا سليم پاران ڪيل ترجمي ۾ بيت جو مفهوم ڪجھ واضع ٿئي ٿو، پر شيخ اياز پاران ڪيل ترجمي ۾ ڪافي مونجهارو آهي. مثال طور بيت جي پهرين ۽ آخري سٽ جي ترجمي ۾ ئي گھڻو مونجهارو آهي، بيت جي آخري سٽ ’ ڪُلَنئُون ڪورِين، عاشق عَبّداللَطِيفُ چي.‘ جو ترجمو هن ريت ٿيل آهي: ’ ’لطیف‘ اِن عاشقوں پر حق کی رحمت‘ جيڪو درست نه آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ٿئي ترجما ڏنل آهن ۽ ترجمي ۾ مونجهاري وارن لفظن جي هيٺان ليڪون ڏنل آهن.

وَحدَہٗ جي وڍئا، الا الله اَڌ ڪئا،
مُحمَّدُ رَسُولُ چئي، مسلمان ٿئا،
عاشق عَبدُاللطِيفُ چي، اِنهم پَهه پئا،
تيلاهٗ ڏِٺي ڏُئا، جيلاهِ وِئا وحدَتَ گڏجي.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 8، ص: 98)

وحدت نے جن کو مارا، اور بسمل کیا اِلا اللہ نے جب،
محمد ہیں رسول خدا، یہ کہہ کر مسلمان ہوئے سب
عبداللطیف کہے! عاشق، جب اُس راستے پر آئے تب،
رب نے کیا ان کو منتخب، پھر مل گئے وحدت میں،

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
| --- | --- | --- |
| مقامِ کشتگانِ تیغِ وحدت، کمالِ آدمیت اوجِ ایمان<br>’لطیف‘ اس راستے پر جو چلے ہیں، وہی ہیں صاحب ایمان وعرفان | جن کو وحدہ نے ٹکڑے ٹکڑے کیا اور الا اللہ نے دو حصوں میں کاٹا اور جو محمدؐ رسول اللہ کہہ کر مسلمان ہوئے<br>عبداللطیف کہتا ہے جو عاشق اس راستے چلے خدا نے اُن کو اپنا برگزیدہ بندہ بنایا، کیونکہ وہ وحدت میں گم ہو گئے۔ | وہ جو قتیل وحدت ہیں اور، اِلا اللہ کے بسمل،<br>کہا کہ ”برحق محمد ہیں“ اور، ہوگئے دل سے قائل،<br>کہے لطیف کہ جس عاشق نے، پائی ہے یہ منزل،<br>وحدت سے جھلمل، رب نے اس کو دھو دیا۔ |
| ایاز شیخ، 1963ع، ص:4 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:7 | سلیم آغا، 2000ع، ص:37 |

مٿئين بيت جي ڪيل ٽنهي ترجمن ۾ ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمو ڪجهه بهتر آهي .نثري ترجمو هجڻ ڪري ڊاڪٽر اياز حسين قادري وڌيڪ وضاحت سان لکي ٿو. جنهن ڪري غير سنڌيءَ کي ترجمو پڙهڻ کان پوءِ شاهه لطيف جي بيت جو مفهوم وڌيڪ سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو. آغا سليم پاران ڪيل ترجمو به ڪجهه بهتر آهي. منظوم ترجمو هڪ ڏکيو ڪم آهي، پر آغا سليم پاران ڪافي محنت سان ترجمو ڪيو ويو آهي. لفظي ترجمي ۾ ڪجهه ڪوٽ محسوس ٿئي ٿي، پر بيت جو ترجمو پڙهڻ سان بيت جو مفهوم ڪافي واضع ٿئي ٿو. پر شيخ اياز پاران ڪيل ترجمي ۾ ڪافي مونجهارو آهي. شاهه لطيف جي چئن سٽن جي بيت جو ترجمو شيخ اياز پاران صرف ٻن سٽن ۾ ڪيو ويو آهي! لڳي ٿو شيخ اياز پاران بيتن جي مفهوم جو ترجمو ٿي ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري شيخ اياز جا ترجمو ڪيل بيت شاهه جي بيتن سان مشابهت نه ٿا رکن، بلڪ ائين لڳي ٿو، ڄڻ شيخ اياز پاران شاهه لطيف جي بيتن جو ترجمو نه پر شاهه لطيف جي فڪر ۽ فلسفي کي نظر ۾ رکندي، نئين سر اردو ٻولي ۾ شاعري ڪئي وئي آهي. مثال طور: توهان مٿئين بيت ڏسي سگهو ٿا ! وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ترجما ڏنل آهن، جن ۾ مونجهاري وارن لفظن جي هيٺان ليڪ ڏنل آهي.

وَحْدَهٗ جي وڍئا، ڪئا الاّ اللّٰه اَڌ،
سي ڌڙ پَسِي سَڌَ، ڪِه اَياڳي نه ٿِيي.
(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 9، ص: 98)

وحدت نے جن کو بسمل کیا، اور کیا اِلااللہ نے مجروح،
ایسے دھڑ دیکھنے سے، کس بدنصیب کو تمنا نہ ہو اس منزل کی۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| آغا سليم پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| وہ جو قتیلِ وحدت ہیں اور، اِلا اللہ کے بسمل،<br>دیکھ کے ایسے گھائل، کیوں نہ جیارا ترسے۔ | جن کو وحدہ نے ٹکڑے ٹکڑے کیا اور الا اللہ نے دو حصوں میں کاٹا۔<br>کون بدقسمت ہوگا جو دھڑ دیکھ کر اُن جیسی منزل پانے کی خواہش نہ کرے گا۔ | کشتۂ "وحدہ" ہوئے جو لوگ، اُن کو "الاّ" نے کر دیا دو نیم<br>خوف سے جرأت آزمانہ ہوا، پھر کسی اور کا سرِ تسلیم |

سليم آغا، 2000ع، ص:37 قادری، جلد اول، 1993ع، ص:7 ایاز شیخ، 1963ع، ص:4

شيخ اياز پاران مٿئين بيت جي ڪيل ترجمي ۾ مونجهارو آهي. جڏهن ته بيت جي مفهوم کي اجاگر ڪرڻ ۾ پڻ شيخ اياز وٽ ڪوٽ محسوس ٿئي ٿي. ائين چئي سگهجي ٿو ته، شيخ اياز پاران مٿئين بيت جو ترجمو درست ٿيل نه آهي، يعني ترجمي مان بيت جو مفهوم واضع نه ٿو ٿئي! وڌيڪ وضاحت لاءِ ترجمي ۾ مونجهاري وارن لفظن هيٺان ليڪون ڏنل آهن. آغا سليم ۽ ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ پاران ڪيل ترجمن ۾ پڻ ٿورڙي ڪوٽ محسوس ٿئي ٿي، پر بيت جي مفهوم کي اجاگر ڪن ٿا. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ترجما ڏنل آهن.

سِر ڍُونڍيان، ڌڙ نه لهان، ڌڙ ڍُونڍيان، سِرُ ناهِ،
هَٿَ ڪرايُون آڱريون، وڍئا ڪيچي ڪانهِ،
وحدت جي وِهاڻ ۾، جي وڍئا، سي وڍئا.
(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، ’شاهه جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 10، ص: 98)

سر ڈھونڈلوں، تو دھڑ نہ ملے، دھڑ ڈھونڈلوں، تو سر نہیں ساتھ،
جیسے کٹتے ہیں سرکنڈے، ایسے کٹی انگلیاں کلائیاں اور ہاتھ،
وصالِ وحدت کے ساتھ، جو گئے، وہ بسمل ہو گئے۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| جسم موجود ہے تو سر غائب، سر اگر مل گیا تو جسم نہیں<br>کچھ بھی اس کے سوا نہیں معلوم، منزلِ دوست میں ہیں اہل یقیں | میں سَر کو تلاش کرتا ہوں تو دھڑ نہیں ملتا، دھڑ ڈھونڈھتا ہوں تو سَر نہیں ملتا ہاتھ، کلائیاں، انگلیاں کہاں گئیں؟<br>وحدت کا وصل جن کو حاصل ہوا، وہ ٹکڑے ٹکڑے ہو گئے۔ | سر ڈھونڈوں تو دھڑ نہ پاؤں، دھڑ پاؤں تو سر کہاں،<br>جیسے سر کنڈے کٹتے ہیں، کٹے ہیں ہاتھ اور انگلیاں،<br>تن من خون افشاں، وصل جنہیں وحدت کا۔ |

ایاز شیخ، 1963ع، ص:4 — قادری، جلد اول، 1993ع، ص:7-8 — سلیم آغا، 2000ع، بیت 13، ص:37

متئين بيت جي ڪيل ٽنهي ترجمن ۾ ڪجھ جهول آهي، شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو بيت جي لفظي ترجمي تي ٺهڪي نه ٿو اچي، پر بيت جي مفهوم کي پڻ اجاگر ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمي ۾ بيت جي ٻئي سٽ جو ترجمو درست ٿيل نه آهي، جنهن ڪري بيت جي مفهوم ۾ مونجهارو پيدا ٿئي ٿو. آغا سليم پاران ڪيل ترجمي ۾ پڻ ٿوري کوٽ محسوس ٿئي ٿي، مثال طور: بيت جي ٻي سٽ ۾ استعمال ٿيل لفظ 'ڪرايون' جو ترجمو ئي ڪيل نه آهي، ۽ آخري سٽ جي ترجمي ۾ پڻ ڪجھ مونجهارو آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ متي چارٽ ۾ ٿئي ترجما ڏنل آهن ۽ مونجهاري واري لفظن جي هيٺان ليڪون ڏنل آهن.

وَحدَهٗ لا شَرِيکَ لَهٗ، ٻُڌءِ نه ٻوڙا،
ڪِ تو ڪنين نه سُئا، جي گهَٽَ اَندر گهوڙا،
ڳاڙيندي ڳوڙها، جت شاهد تِندءِ سامُها.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، 'شاھ جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 11، ص: 98)

وحدہٗ لاشریک لہ، سنا نہیں تم نے اے غافل!
کیا تونے کانوں سے نہیں سُنا، جو برپا ہے اندر تیرے شور و غل،
جہاں شاہد ہونگے مقابل، وہاں آنسوں بہت بہاؤ گے۔
(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| وحدہٗ لاشریک کے عاشق، سن سکا تو نہ اپنے دل کی پکار<br>جب ترے سامنے وہ آئیں گے، ضبط ہو جائیگا تجھے دشوار | اے بہرے! تونے وحدہ لاشریک لہ نہیں سنا<br>تونے اندر کی آواز نہیں سُنی؟<br>جب گواہ تمہارے اعمال نامے پر گواہی دیں گے تو تم روؤ گے۔ | وحدہٗ لاشریک لہ، سنا نہیں اے غافل!<br>تیرے دل میں شور بپا ہے، آن پڑی ہے مشکل،<br>ہوں گے گواہ مقابل، روئے گا تو دن محشر کے۔ |

ایاز شیخ، 1963ع، ص:4 — قادری، جلد اول، 1993ع، ص:8 — سلیم آغا، 2000ع، بیت 10، ص:37

مٿئين بيت جي ڪيل ٽنهي ترجمن ۾ ڪجھ جهول آهي. شيخ اياز پاران ڪيل مٿئين بيت جي ترجمي ۾ ڪافي ڪوٽ آهي، ٽن سٽن جي بيت جو ٻن سٽن ۾ ترجمو ٿيل آهي. لفظي ترجمو درست ڪيل نہ آهي. بلڪ ترجمي ۾ بيت جو مفهوم پڻ واضع نہ آهي! ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمي ۾ بيت جي ٻي سٽ جي ترجمي ۾ ڪجھ ڪوٽ آهي ۽ بيت جي ٽين سٽ جي ترجمي ۾ 'اعمال نامے' واڌارو لفظ استعمال ٿيل آهي. لفظي ترجمي ۾ ڪجھ ڪوٽ باوجود ترجمي ۾ بيت جو مفهوم واضع ٿئي ٿو. آغا سليم پاران ڪيل ترجمي ۾ پڻ ڪوٽ محسوس ٿئي ٿي. بيت جي ٻي سٽ جي آخري پد جو ترجمو درست ٿيل نہ آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ٽئي ترجما ڏنل آهن ۽ مونجهاري واري لفظن جي هيٺان ليڪون ڏنل آهن.

وَحدَہٗ لا شَرِيڪَ لَہ□ٗ، اِهيّ وِهائج وِيُّ،
ڪَٽين جي هارائِئين، هنڌُ تُنهنجو هِيُّ،
پاٽان چندُءِ پِيُّ، پري جام جَنَت جو.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، 'شاھ جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 12، ص: 98)

وحدہٗ لاشریک لہٗ، کر لے دستور یہ،
جیتو یا ہار جاؤ، یہی منزل تمہاری ہے،
خود ہی کہے گا پی لے، بھر کے جام جنت کا۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| وحدہٗ لاشریک کا سودا، فکرِ سود وزیاں سے برتر ہے<br>ہے یہی تیری منزلِ مقصود، اور تو خود ہی اپنا رہبر ہے<br>کاش وہ تشنگی ملے تجھ کو، جس کا انعام حوضِ کوثر ہے | وحدہُ لاشریک لہٗ کی راہ اختیار کرو۔<br>یہی مقام ہے جہاں سے تم سُرخرو ہوگے یا ناکام ہوگے<br>وہ تمہیں جنّت کا جام بھر کر خود دیں گے کہ پی لو | وحدہٗ، لاشریک لہ، کرلے یہ بیوپار،<br>یہی تیری منزل ہے اب، جیت ہو چاہے ہار،<br>بھر کر دے گا یار، جام تجھے جنت سے۔ |
| ایاز شیخ، 1963ع، ص:4 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:6 | سلیم آغا، 2000ع، بیت 11، ص:38 |

مٿئين بيت جي ڪيل ٽنهي ترجمن ۾ ڪجھ جهول آهي. شيخ اياز پاران ڪيل مٿئين بيت جي ترجمي ۾ ڪافي ڪوٽ آهي. لفظي ترجمو درست ٿيل نہ آهي. بلڪ ترجمي ۾ بيت جو مفهوم پڻ واضع نہ ٿو ٿئي. مترجم پاران هن بيت سان انصاف ناهي ڪيو ويو! مٿئين بيت جي ترجمي کي پڙهڻ کان پوءِ واضع ٿئي ٿو تہ ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ جا اهڙا ترجما، انهن شاعرن جي شاعريءَ سان نا انصافي جي زمري اچن ٿا. ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمي ۾ بيت جي ٻئي سٽ جي ترجمي ۾ ڪجھ ڪوٽ آهي، جڏهن تہ آغا سليم پاران ڪيل ترجمو ڪنهن حد تائين بهتر آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ٽئي ترجما ڏنل آهن ۽ مونجهاري واري لفظن جي هيٺان ليڪون ڏنل آهن.

وَحدَہٗ لا شَرِيکَ لَہٗ، اِيُ هيڪتائِيَ حَقُ،
ٻيائِيَ کي ٻَکُ، جن وڌو، سي وِرسئا.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، ’شاھ جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 13، ص: 98)

وحدہٗ لا شریک لہ، یہ یکتائی کا ہے حق،
وہ گئے منزل سے بھٹک، جنھوں نے دوئی کو گلے لگایا۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| وحدہٗ لا شریک شرطِ وفا، رہِ ہموارِ منزلِ توحید<br>جس کسی نے دوئی کو اپنایا، اپنی منزل سے ہو گیا وہ بعید | وحدہ لا شریک لہ وحدانیت کی پہچاں ہے۔<br>جنھوں نے شرک کیا وہ گمراہ ہوئے | وحدہٗ لا شریک لہ، یہ ہے حق یکتائی،<br>منزل کبھی نہ پائی، دوئی میں جو اُلجھ گئے۔ |
| ایاز شیخ، 1963ع، ص:4 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:8 | سلیم آغا، 2000ع، بیت 12، ص:36 |

متئين بيت جو ترجمو ٽنهي مترجمن پاران ڪافي بهتر ڪيل آهي. شيخ اياز پاران لفظي ترجمو نہ هجڻ جي باوجود، ترجمو بيت جي مفهوم کي گهڻو ويجهو لڳي ٿو. وڌيڪ وضاحت لاءِ متي چارٽ ۾ ٽئي ترجما ڏنل آهن.

عاشق چَوَ مَ اُنَ کي، مَ ڪِي چَوُ معشوق،
خالق چَوَ مَ خامَ تون، مَ ڪِين چَوَ مخلوق،
سَلِج تهين سُلوڪ، جو ناقِصئا نِگيو.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، ’شاھ جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 14، ص: 98)

عاشق مت کہہ اُس کو، نہ ہی کہو معشوق،
تُو خالق مت کہہ اے ناداں! نہ ہی کہو مخلوق،
اُسی کو بتاؤ سلوک، جو عیبوں سے نکلا ہوا ہو۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| ہو گئے ایک مل کے ذات وصفات، مٹ گیا<br>فرقِ عاشق و معشوق<br>ہم ہی کوتاہ ہیں رہے ورنہ، وہی خالق ہے اور<br>وہی مخلوق | نہ وہ شاہد ہے نہ مشہود۔<br>اے ناقص! اُسے نہ خالق کہو نہ مخلوق<br>اُس کو رموزِ الٰہی بتاؤ جو رمز شناس ہو | عاشق مت کہہ اس کو تو، اور نہ کہہ معشوق،<br>نہ ہی خالق کہہ اے ناداں! نہ ہی کہہ مخلوق،<br>ایسی رمزِ سلوک، غیر کو کیوں بتلائے۔ |
| ایاز شیخ، 1963ع، ص:5 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:8 | سلیم آغا، 2000ع، ص:38 |

متئين بيت جي ڪيل ٺهي ترجمن ۾ ڪجھ جھول آهي. شيخ اياز پاران ڪيل متئين بيت جو لفظي ترجمو درست ٿيل نه آهي، بلڪ ترجمي ۾ بيت جو مفهوم پڻ واضع نه ٿو ٿئي! ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمي ۾ بيت جي پهرين سٽ 'عاشق ڇَوَ مَر اُنَ کي، مَر ڪِي ڇُوَ معشوق،' جو ترجمو 'نہ وہ شاہد ہے نہ مشہود۔' ٿيل آهي، جيڪو درست نه آهي. جڏهن ته آغا سليم پاران ڪيل ترجمي ۾ بيت جو پهرين ٻن سٽن جو ترجمو درست ٿيل آهي، پر بيت جي آخري سٽ جو ترجمو درست ٿيل نه آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ متي چارٽ ۾ ٽئي ترجما ڏنل آهن ۽ مونجهاري واري لفظن جي هيٺان ليڪون ڏنل آهن.

وحدت تان ڪَثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُّ،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻيءِ مَ ڀُلُ،
هُو هُلاچو هُلُ، بااللہ سندو سڄڻين.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)،'شاھ جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 15، ص: 98)

وحدت سے ہی کثرت ہوئی، کثرت ہے ساری وحدت،
حق تو حقیقی یکتا ہے، دوسری بات کی طرف مت بھٹک،
یہ جو شُور شرابہ و نوبت، بااللہ سب ساجن کا ہی تو ہے۔
(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| کبھی وحدت کی تنہائی میں کثرت، کبھی کثرت کے ہنگاموں میں وحدت مگر ان سارے ہنگاموں کی تہ میں، بس اک محبوب ہے اور اس کی صورت | وحدت سے کثرت ہے۔ کثرت میں وحدت ہے خدا کی ذات ایک ہے۔ اگر کوئی شرک کی بات کرے تو اُس سے بہک مت جاؤ کائنات میں جو غلغلہ ہے، خدا کی قسم! وہ اُسی کا ہے۔ | وحدت سے ہی کثرت ہے اور، سب کثرت ہے وحدت، حق تو حقیقی ایک ہے سائیں! چھوڑ تو سب غفلت، ہر سُو پی کی نوبت، واللہ باج رہی ہے۔ |
| ایاز شیخ، 1963ع، ص:5 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:9 | سلیم آغا، 2000ع، ص:38 |

شيخ اياز پاران متئين بيت جي ڪيل ترجمي ۾ ڪجھ کوٽ آهي، بيت جي ٻئي سٽ جو ترجمو ئي ٿيل نه آهي! باقي ٻن سٽن جي ٿيل ترجمي ۾ بيت جو مفهوم ئي واضع ڪونه ٿو ٿئي! ڊاڪٽر اياز حسين قادري ۽ آغا سليم پاران ڪيل ترجما ڪنهن حد تائين بهتر آهن ۽ بيت جي مفهوم کي پڻ چڱي ريت اجاگر ڪن ٿا.

پاڻهِ جَلَّ جَلالَہٗ، پاڻهِ جان جمالُ،
پاڻهِ صورتَ پريَ جي، پاڻهِ حُسن ڪَمالُ،
پاڻهِ پير مُريد ٿئي، پاڻهِ پاڻَ خيالُ،
سڀ سيوئي حالُ، منجهائي هي معلوم ٿيي.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)،'شاھ جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 16، ص: 98)

خود ہی جل جلالۂ، خود ہی جان جمال،
خود ہی صورت محبوب کی، خود ہی حسنِ کمال،
خود ہی پیر مرید بنے، اور خود ہی خود خیال،
اُس کا سب احوال، اُسی سے ہی معلوم ہو۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| آغا سليم پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| خود ہی جل جلالہ، خود ہی جانِ جمال،<br>خود ہی صورت یار کی، خود ہی حسن جمال،<br>خود ہی پیر مرید بنے اور، خود ہی یار خیال،<br>یار کا سارا حال، یار سے ہم نے جانا ہے۔ | وہ خود ہی جل جلالہ ہے۔ خود ہی جانِ جمال ہے۔<br>وہ خود ہی حبیب ہے، حسن کامل ہے۔<br>خود ہی پیر مرید ہے، خود ہی حقیقت ہے<br>سب باتیں تجھ پر خود ہی منکشف ہوں گی۔ | غیر محدود ہے جلال اس کا، دھر آئینۂ جمال اس کا<br>آپ رہبر ہے آپ ہی راہی، ختم خود اس پہ ہے کمال اس کا<br>اس کا احساس ہر جگہ ہر وقت، کہ ہمہ گیر ہے خیال اس کا<br>روح انساں میں جلوہ فرما ہے، پرتوِ حسن بے مثال اس کا |
| سلیم آغا، 2000ع، ص: 38-39 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص: 9 | ایاز شیخ، 1963ع، ص: 5 |

شيخ اياز ۽ ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمن ۾ بيت جي آخري سٽ جو لفظي ترجمو درست ٿيل نه آهي. جڏهن ته آغا سليم پاران ڪيل ترجمو ڪافي بهتر آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ متي چارٽ ۾ ٿئي ترجما ڏنل آهن ۽ مونجهاري وارن لفظن هيٺان ليڪون ڏنل آهن.

پاڻهه پسي پاڻ کي، پاڻهه محبوب،
پاڻهه خلقي خوب، پاڻهه طالب تن جو.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، 'شاهه جو رسالو'، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 17، ص: 98)

خود ہی دیکھتا ہے خود کو، خود ہی ہے محبوب،
خود ہی تخلیق کرے خوب، خود ہی طالب اُن کا۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| آغا سليم پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| خود ہی دیکھے خود کو، خود ہی ہے محبوب،<br>خود ہی خالق خوب، خود ہی اس کا طالب۔ | وہ خود ہی عاشق ہے خود ہی محبوب ہے۔<br>خود ہی خوبصورت تخلیق کرتا ہے۔ خود ہی اُس کو چاہتا ہے۔ | خالقِ حسن کائنات ہے خود، خود ہی اس کائنات کا محبوب<br>آپ ہی اپنا آئینہ ہے وہ، خود ہی طالب ہے اور خود مطلوب |
| سلیم آغا، 2000ع، ص: 39 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص: 9 | ایاز شیخ، 1963ع، ص: 5 |

مٿئين بيت جي ڪيل ٽنهي ترجمن ۾ ڪنهن حد تائين مترجمن پاران بيت جي ترجمي سان انصاف ڪيو آهي، ٽئي ترجما بيت جي لفظي ترجمي جي ويجهو آهن ۽ انهن ترجمن مان بيت جو مفهوم پڻ واضع ٿئي ٿو. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ٽئي ترجما ڏنل آهن.

سو هيُ، سو هُو، سو اَجلُ، سو اللهُ،
سو پِرين، سو پساهُ، سو ويري، سو واهُرو.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند. (2012ع)، ’شاهه جو رسالو‘ . سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 18، ص: 98)

وہ یہ، اور یہ بھی وہ، وہ اجل، وہ اللہ،
وہی محبوب، وہی زندگی، وہی دشمن، وہی پناہ،
(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| آپ ہی دوست آپ ہی دشمن، آپ آغاز آپ ہی انجام اصل میں اک حقیقتِ من وتو، درمیاں لاکھ پردۂ اوھام زندگی، موت، سانس، دل کی پھانس، کون جانے ہیں تیرے کتنے نام | وہی این و آن ہے۔ وہی اجل، وہی اللہ ہے وہی محبوب، وہی زندگی ہے، وہی دشمن وہی دوست ہے۔ | یہ بھی وہ اور وہ بھی وہ، اَجل بھی وہ اللہ بھی وہ، پریتم وہ اور جان بھی وہ، دشمن اور پناہ بھی وہ۔ |

ایاز شیخ، 1963ع، ص:5 قادری، جلد اول، 1993ع، ص:9 سلیم آغا، 2000ع، ص:39

شيخ اياز پاران مٿئين بيت جي ڪيل ترجمي ۾ ڪافي کوٽ آهي، بيت جو لفظي ترجمو درست ٿيل نہ آهي ۽ بيت جي ترجمي مان بيت جو مفهوم پڻ نيڪ طرح سان واضع نہ ٿو ٿئي! باقي ٻنهي مترجمن پاران ڪيل ترجمو بهتر ٿيل آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ٽئي ترجما ڏنل آهن.

پَرَاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيَ جو جي لَهين،
هُئا اَڳِهِر گَڏُ، ٻُڌڻ ۾ ٻہ ٿِئا.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند. (2012ع)، ’شاهه جو رسالو‘ . سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 19، ص: 99)

گونج ہی ہے صدا، گر بات کے بل کو سمجھو،
ابتدا سے ہی ہیں ایک مگر، بس سننے میں ہیں دو۔
(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| آغا سليم پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| ایک صدا ایک گونج، سننے میں ہیں دو، غور سے گر سن لو، مخرج ان کا ایک ہے۔ | وہی آواز ہے، وہی گونج ہے، اگر تم یہ راز سمجھو یہ سننے میں دو (چیزیں) ہیں۔ مگر حقیقت میں ایک ہے۔ | یہ صدا اور بازگشتِ صدا، اصل دونوں کی ایک جیسی ہے اپنی آواز کی دوئی پہ نہ جا، کہ سماعت فریب دیتی ہے |
| سلیم آغا، 2000ع، ص:39 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:9-10 | ایاز شیخ، 1963ع، ص: 5 |

مٿئين بيت جو ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمو ڪجھ بهتر آهي. شيخ اياز پاران ڪيل ترجمي ۾ ڪجھ مونجهارو آهي، مثال طور بيت جي ٻي سٽ ’ هُئا اڳهِم گڏ، ٻُڌڻ ۾ ٻه ٿئا. ‘ جو ترجمو هن ريت ٿيل آهي، ’اپنی آواز کی دوئی پہ نہ جا، کہ سماعت فریب دیتی ہے۔‘. آغا سليم پاران ڪيل ترجمي ۾ بيت جي ٻي سٽ جو لفظي ترجمو ڌُر ٿيل نہ آهي، پر گهٽي حد تائين بيت جو مفهوم واضع ٿئي ٿو. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ٿئي ترجما ڏنل آهن ۽ جن لفظن ۾ مونجهارو آهي، انهن جي هيٺان ليڪون ڏنل آهن.

ايڪ قَصرُ، دَر لَکَ، ڪوڙين ڪَٽِسِ ڳِڙکيون،
جيڏاهِ ڪريان پرک، تيڏاهِ صاحب سامهُون.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، ’شاھ جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 20، ص: 99)

ایک محل، لاکھوں دروازے، کھڑکیاں ہیں کروڑوں،
جدھر بھی نظر ڈالوں، ادھر صاحب ہی کو دیکھوں۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| آغا سليم پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| ایک قصر در لاکھ، اور کروڑوں کھڑکیاں، جدھر اُٹھے یہ آنکھ، ادھر ہے سندر روپ سجن کا۔ | محل ایک، دروازے لاکھ، بے شار کھڑکیاں، مگر جس طرف دیکھتا ہوں وہی نظر آتا ہے۔ | قصر ہے ایک اور در لاکھوں، ہر طرف بے شمار ہیں روزن مجھکو ہر سمت سے نظر آیا، جلوہ گر ایک ہی رخِ روشن |
| سلیم آغا، 2000ع، ص:39 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:10 | ایاز شیخ، 1963ع، ص:5 |

مٿئين بيت جا ڪيل ٽئي ترجما ڪنهن حد تائين بهتر ترجما آهن. لفظي ترجمي جي حساب سان ترجمن ۾ ڪجھ لفظ واڌو ڏنل آهن، پر انهن جو بيت جي مفهوم تي ڪوبہ اثر نہ ٿو پوي، يعني بيت جو مفهوم واضع آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ٽئي ترجما ڏنل آهن.

ڪوڙين ڪاياٽُون تُنهنجون، لِکَن لَکَ هزارَ،
جِيءُ سيڪه جي سين، دَرسنُ ڏارو ڏَارِ،
پِريمِ تنهنجا پارِ، ڪهڙا چئِي ڪِيَ چُٽان.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند، (2012ع)، ’شاھ جو رسالو‘، سُر ڪلياڻ، داستان 1، بيت 21، ص: 99)

کروڑوں صورتیں تیری، دکھیں روپ لاکھوں ہزاروں،
ہر جیو میں پرماتما ہے، بس الگ الگ دیدار،
تیری صفات میرے پیار، کون کون سی کیسے کہوں۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| مظہر حسنِ ذاتِ باقی ہے، اے محبت ترا ہجومِ صفات جلوۂ حسنِ یار ہر شے میں، جلوۂ حسن یار کی کیابات | تیرے، جلوے بے شمار، تیری صفات بیان کرنے والے، تیرے لاتعداد اوصاف گنواتی ہیں تو ہر شے میں ہے، مگر تیرے روپ الگ الگ ہیں اے محبوب! میں تیرے کون کون سے اوصاف بیان کروں۔ | ساجن! کیا کیا روپ ہیں تیرے! درشن لاکھ ہزار، جی جڑے ہیں جی سے سائیں! الگ الگ دیدار، تیرے روپ ہزار، کیا کیا روپ میں دیکھوں۔ |
| ایاز شیخ،1963ع،ص:5 | قادری، جلد اول،1993ع،ص:10 | سلیم آغا،2000ع،ص:39 |

مٿئين بيت جي ڪيل ٽنهي ترجمن ۾ ڪجھ جھول آهي. شيخ اياز پاران صرف ٻن سٽن جو ترجمو ڏنل آهي. لفظي ترجمي ۾ ڪوٽ آهي ۽ ترجمي ۾ بيت جو مفهوم پڻ واضع نہ ٿو ٿئي! ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران بيت جي پهرين سٽ جي ٻئي پد جو ترجمو درست ٿيل نہ آهي. آغا سليم پاران ڪيل ترجمي ۾ بيت جي ٽئين سٽ جي ٻئي پد جو ترجمو درست ٿيل نہ آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ مٿي چارٽ ۾ ٽئي ترجما ڏنل آهن ۽ ترجمن ۾ مونجهاري وارن لفظن جي هيٺان ليڪون ڏنل آهن.

**وائي**

سيڪا پريان ڪُون پُوڇي،
نيهُه نيٽين، ڳُڻُ ڳال وو.
جا چِتايم چِتَ ۾، سڄڻ سا تو ٻُجهي،
نيهُه نيٽين، ڳُڻُ ڳال وو.
لات جا لَطِيف جي، سَڏُ تهجو سُڃي،
نيهُه نيٽين، ڳُڻُ ڳال وو.

(گربخشاڻي، هوتچند مولچند. (2012ع). 'شاهه جو رسالو'، سُر ڪلياڻ. داستان 1. وائي. ص: 99)

ہر ایک اپنے محبوب کو پوجتی ہے،
عشق آنکھوں میں، اور خوبی عمل میں وو۔
جو سوچا میں نے من میں، ساجن وہ بھی جانتا ہے،
عشق آنکھوں میں، اور خوبی عمل میں وو۔
جو لطیف کی مناجات ہے، اُس کی آواز بھی وہ سنتا ہے،

عشق آنکھوں میں، اور خوبی عمل میں ہو۔

(ترجمہ برائے مقالہ نگار)

| شيخ اياز پاران ڪيل ترجمو | ڊاڪٽر اياز قادريءَ پاران ڪيل ترجمو | آغا سليم پاران ڪيل ترجمو |
|---|---|---|
| ہر کوئی اپنے ساجن کی کر تا رہتا ہے پوجا،<br>گن ہیں جس کے بول بول میں نینوں میں ہے نیہا<br>ساجن پہلے جان گئے جو میں نے چت میں سوچا<br>گن ہیں جس کے بول بول میں نینوں میں ہے نیہا<br>سنو'لطیف' کی لے کو اس میں بھید ہے اس کے<br>من کا<br>گن ہیں جس کے بول بول میں نینوں میں ہے نیہا | ہر فرد محبوب کی پرستش کرتا ہے<br>عشق کی زبان آنکھ ہے، سوچو سمجھو<br>جو بات میرے دل میں ہوتی ہے، محبوب جان جاتا ہے<br>عشق کی زبان آنکھ ہے۔ سوچو سمجھو<br>عبداللطیف جو کچھ بولتا ہے وہ تمہاری آواز ہے<br>عشق کی زبان آنکھ ہے۔ سوچو سمجھو | اکھین پریت، رسیلی بتیاں، ایسے پی کو سب ہی پوجیں،<br>جو بھی میرے من میں ہے وہ، تو ہی جانے جاناں!<br>دو ہے بیت لطیف کوی کے، تیری صدا ہیں<br>سجناں! |
| اياز شیخ، 1963ع، ص:6 | قادری، جلد اول، 1993ع، ص:11 | سلیم آغا، 2000ع، ص:40 |

مٿين وائيءَ جي ٽنهي ترجمن ۾ ڪجهه ڪوت آهي. مثال طور وائيءَ جي آخري بند جي ترجمي ۾ ٽنهي مترجمن پاران مونجهارو آهي. وائيءَ جي آخري سٽ جي پي پد 'سَڏُ تهجو سُجي.' جو ترجمو ٽنهي مترجمن پاران درست ڪيل نہ آهي. ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ترجمو ٿيل آهي: 'وہ تمہاری آواز ہے' جيڪو درست ٿيل نہ آهي. جنهنڪري بيت جو مفهوم ئي متجي وڃي ٿو! ان پد جو ترجمو 'اُس کی آواز وہ سنتا ہے' ٿيڻ گهرجي. جيئن تہ ٽنهي مترجمن پاران ڊاڪٽر گربخشاڻي جي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي کي بنياد بڻايو ويو آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻي پاران انهيءَ سٽ ۾ ڪيل لفظن جي معنيٰ ۽ سموري سٽ جي تشريح ڏسجي تہ ڳالهہ گهڻي واضع ٿي ويندي. ڊاڪٽر گربخشاڻي انهيءَ سٽ جي لفظن جي معنيٰ ۽ سٽ جي تشريح هن ريت لکي آهي:

"لات. (لٿُّ=سن. لَپَن) آواز، سندر وائي، مٺو راڳ، هتي معنيٰ آهي: وينتي، عرض، مناجات.

سڏ. (سن. شبد) آواز، پڙلاءُ.

تهجو. تنهنجو (هاڻ).

سجي- سئي- (سن. شرُتَ) ٻڌجي.

لات جا لطيف جي الخ. شاهہ عبداللطيف فرمائي ٿو، تہ منهنجيءَ ناٽيءَ(نماٽيءَ) مناجات جو آواز بہ خدا ٻڌي ٿو. خدا دل ۽ زبان، ٻنهي جو مالڪ آهي."(6)

## نتيجو:

هن مقالي ۾ شاھ جي رسالي جي سُر ڪلياڻ جي پهرين داستان جي 21 بيتن ۽ هڪ وائيءَ جي ٽيل اردو ترجمن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو پيش ڪيو ويو آهي، جنهن مان نتيجو نڪري ٿو تہ، شاھ جي رسالي جي ڪيل ترجمن ۾ ڪنهن حد تائين ڪوتاهي. منظوم ترجمو نهايت ڏکيو ڪم آهي، انهيءَ ڪري ڪٿي ڪٿي ٿوري ڪوتاهي ٿي سگهي ٿي، پر اها ڪوتاهي صرف لفظي ترجمي ۾ هجڻ گهرجي نہ ڪي بيت جي مفهوم ۾! جيئن تہ ترجمي ۾ مونجهارو هجڻ ڪري اردو پڙهڻ وارو بيت جو مفهوم نہ ٿو سمجهي سگهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ، شاھ جي رسالي جي ترجمي وارو ڪم، ٽنهي عالمن پاران پنهنجي علميت جي آڌار تي هڪ تمام وڏو ڪم ڪيل آهي، پر مٿي ڄاڻايل ترجمن ۾ ڪجھ ڪوتاهي آهي، جنهن جو ذڪر مٿي بيتن جي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزي ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر اياز حسين قادري پاران ڪيل ترجمو، نثري هجڻ ڪري ڪجھ وڌيڪ موزون آهي، جنهن جي پڙهڻ سان شاھ جي ڪلام جو مفهوم ۽ شاھ جي ڪلام ۾ موجود فڪر ۽ فلسفو وڌيڪ اجاگر ٿئي ٿو. شيخ اياز ۽ آغا سليم پاران ڪيل منظوم ترجمن ۾، آغا سليم جو ترجمو شيخ اياز پاران ڪيل ترجمي کان وڌيڪ بهتر آهي. ٽنهي ترجمن جي تحقيقي ۽ تنقيدي جائزي وٺڻ کان پوءِ مقالي نگار پاران پڻ ترجمو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جيڪو ضروري نہ آهي تہ بلڪل درست هجي، پر شاھ لطيف جي بيتن کي اردو ٻوليءَ ۾ وڌيڪ سولائي سان سمجهڻ لاءِ ٿوري اڳڀرائي ڪئي وئي آهي.

شاھ جي رسالي جا موجوده ترجما اڃا رسالي جي ترجمن جي شروعات آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ سنڌي ۽ اردو ٻولي جي عالمن پاران شاھ جي رسالي جا ترجما ٿيڻ گهرجن، جيڪي مٿي ڄاڻايل ترجمن کان وڌيڪ تُز ۽ سليس هجن، جن کي پڙهڻ سان غير سنڌي پڙهندڙن کي شاھ لطيف جي فڪر، فلسفي ۽ بيتن جي مفهوم کي سمجهڻ ۾ وڌيڪ سولائي ٿئي.

## حوالا


1. اياز شیخ، (مترجم)، 'رسالہ شاہ عبداللطیف'، سندھ یونیورسٹی، حیدرآباد، سندھ، پاکستان، 1963ع، ص: ب
2. احمد، حسن الدین، ڈاکٹر، 'انگریزی شاعری کے منظوم اُردو ترجموں کا تحقیقی و تنقیدی مُطالعہ'، (مقالہ برائے پی۔ ایچ۔ ڈی۔) جامعہ ملیہ اسلامیہ، ولا اکیڈمی، حیدرآباد، 1984ع، ص: 202
3. احمد، حسن الدین، ڈاکٹر، 'انگریزی شاعری کے منظوم اُردو ترجموں کا تحقیقی و تنقیدی مُطالعہ'، (مقالہ برائے پی۔ ایچ۔ ڈی۔) جامعہ ملیہ اسلامیہ، ولا اکیڈمی، حیدرآباد، 1984ع، ص: 201-204
4. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، شاھ جو رسالو، ثقافت کاتو، حکومت سنڌ، 2012ع، ص: 370
5. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، جلد چوٿون، جامع سنڌي لغات، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2007ع، ص: 1325
6. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، 'شاھ جو رسالو'، ثقافت کاتو، حکومت سنڌ، ڪراچي، 2012ع، ص: 380

**نوٽ**: شاھ جي ڪلام جا حوالا مقالي اندر ڏنل بيتن/واين جي هيٺان ئي لکيل آهن. مقالي اندر استعمال ٿيل شاھ جي رسالن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.


1. ایاز شیخ،(مترجم)، 'رسالہ شاہ عبداللطیف'، سندھ یونیورسٹی، حیدرآباد، سندھ، پاکستان، 1963ع۔
2. قادری، ایاز حسین، ڈاکٹر، ڈاکٹر سید وقار احمد رضوی، 'کلام شاہ عبداللطیف بھٹائی' (جلد اول)، اکادمی ادبیات پاکستان، اسلام آباد، 1993ع۔
3. سلیم آغا،(مترجم)، 'رسالہ شاہ عبداللطیف بھٹائی'، شاہ عبداللطیف، ثقافتی مرکز بھٹ شاہ، حیدرآباد 2000ع۔
4. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، شاھ جو رسالو، ثقافت کاتو، حکومت سنڌ، 2012ع.